# تبرڪات جون برڪتون

11-October-2018




هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# تبرڪات جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن(يعني هٿ ملائن) ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرودِ پاڪ موڪلين ته انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهرين ٻنهي جا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن. (مُسْنَدُ اَبِي يعْلي،٩٥/٣،حديث:٢٩٥١)

ڪعبه کے بدرالدُّجیٰ تم پہ کروروں دُرُود　　طیبه کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## ٻيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس

❁ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ اسان "تبرڪات جون برڪتون" ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين- تبرڪات ۽ ان جي ثبوت ۾ ٻہ (2) قرآني واقعا، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان نبي اڪرم رسول محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مقدس تبرڪات جي ڪيتري تعظيم ڪندا هئا؟ تبرڪات جي تعظيم مان ڪهڙا ڪهڙا فائدا ٿيندا آهن، تبرڪات جي بي ادبي سان ڪهڙا نقصان ٿيندا آهن اهو بہ ٻڌنديون سين- الله پاڪ ڪري تہ دِلجمعي سان اسان اوّل کان آخر سٽين سٽين نيتن سان بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون-

## يوسف جي قميص مان شفاء

سوره يوسف ۾ الله پاڪ جي نبي حضرت سيّدنا يعقوب ۽ حضرت سيدنا يوسف عَلَيهِمَا السَّلَام جو ڏکهو واقعو بيان ٿيو آهي، جڏهن حضرت يوسف عَلَيه السَّلَام کي ان جي ويڳن(ماٽيلن) ڀائرن ڌوڪي سان کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ کي واپاري ان کي کوهہ مان ڪڍي مصر کڻي ويا ۽ اتي وڪڻي ڇڏيائون، حضرت يعقوب عَلَيه السَّلَام پنهنجي پٽ حضرت يوسف عَلَيه السَّلَام جي جدائي ۾ گهڻو غمگين ٿيا ۽ ان غم ۾ لڙڪ وهائي وهائي سندن اکين جي روشني متاثر ٿي وئي، ڪيئي سالن کان بعد جڏهن حضرت يوسف عَلَيه السَّلَام کي پنهنجي ڀائرن جي

ذريعي والد محترم جي بصارت جي ڪيفيت جو معلوم ٿيو تہ انهن پنهنجي قميص تبرڪ طور پنهنجي والد محترم جي لاءِ موڪليائون، ۽ جيڪو ڪجھ فرمايائون قرآنِ پاڪ ۾ اهو هن طرح بيان ڪيو ويو آهي، جيئن تہ سيپارو 13 ، سورة يوسف جي آيت نمبر 93 ۾ ارشاد آهي:

اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِيْ يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ (پ 13، يوسف 93)

**ترجموڪنزالايمان:** منهنجي هي قميص کڻي وڃو ان کي منهنجي پيءُ جي منهن تي وجهو تہ ان جون اکيون نور واريون ٿي وينديون .

جڏهن حضرت يوسف عَلَيه السَّلام جي پائرن اهو ڪرتو حضرت يعقوب عَلَيه السَّلام جي چهري تي وڌائون تہ چا ٿيو، ان کي ڪجھ آيتن کان بعد هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

فَلَمَّاۤ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ (پ 13، يوسف 96)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن خوشخبري ٻڌائيندڙ آيو ان اها قميص يعقوب جي منهن تي رکي ان وقت سندس اکيون ٺي ويون-

تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: جمهور مفسّر فرمائن ٿا تہ خوشخبري ٻڌائڻ وارو حضرت يوسف عَلَيه السَّلام جو ڀاءُ يهودا هيو. يهودا چيو تہ حضرت يعقوب عَلَيه السَّلام وٽ رت سان ڀريل قميص بہ مان ئي کڻي ويو هئس، مون ئي چيو هو تہ حضرت يوسف عَلَيه السَّلام کي بگهڙ کائي ويو آهي، مون ئي انهن کي غمگين ڪيو هو، ان ڪري اڄ ڪرتو بہ مان ئي کڻي ويندس ۽ حضرت يوسف عَلَيه السَّلام جي زندگي جي خبر بہ مان ئي ٻڌائيندس. تہ پوءِ يهودا ڪرتو کڻي 80 فرسنگ (يعني 240 ميل) ڊوڙندي آيا. يهودا جڏهن حضرت يوسف عَلَيه السَّلام جي قميص حضرت يعقوب عَلَيه السَّلام جي چهري تي وڌي تہ انهيءَ وقت انهن جون اکيون درست ٿي ويون ۽ ڪمزوري کان پوءِ طاقت ۽ ڏک کان پوءِ خوشي موٽي آئي، پوءِ حضرت يعقوب عَلَيه السَّلام فرمايو مون توهان کي نہ چيو هو تہ مان الله پاڪ جي طرف کان اها ڳالھ ڄاڻيان ٿو جيڪا توهان نہ ٿا ڄاڻو جو حضرت يوسف عَلَيه السَّلام زندھ آهن ۽ الله پاڪ اسان کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندو. ( تفسيرڪبير، يوسف، تحت الآية: ٩٦، ٥٠٨/٦، جمل مع جلالين، يوسف، تحت الآية: ٩٦، ٨٠/٤، ملتقطاً)(صراط الجنان،٥/٥٣ملخصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!غور ڪريو! حضرت سيدنا يوسف عَلَيه السَّلَام خود نبي آهن، پاڻ هڪ ٻي نبي، پنهنجي والد حضرت سيدنا يعقوب عَلَيه السَّلَام جي اکين جي مرض جي لاءِ بطور تبرڪ پنهنجو ڪرتو موڪلي رهيا آهن، ۽ جڏهن ان ڪرتي کي ان جي چهري تي وڌو ويو ته الله پاڪ انهن کي اکين جي بيماري مان شفا عطا فرمائي- هن مان معلوم ٿيو ته بزرگن سان نسبت رکڻ وارين شين کي تبرڪ سمجهڻ ۽ انهن مان برڪتون ماڻڻ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو طريقو رهيو آهي، ۽ هن واقعي کي قرآنِ پاڪ ۾ ذڪر ڪرڻ هن ڳالهه جو اعلان آهي ته تبرڪات مان فائدو ٿيندو آهي-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڏڪار مان ڇوٽڪارو ملي ويو!

حضرتِ سيدنا شيخ عبدالحق محدثِ دهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري سخت ڏُڪار پيو، ماڻهن جي گهڻين دعائن جي باوجود بارش نه ٿي- حضرت سيّدنا نظام الدين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجي امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي ڪپڙي جو هڪ ڌاڳو هٿ ۾ ڪٺي عرض ڪيو: يا الله پاڪ! هي اُن عورت جي دامن جو ڌاڳو آهي جنهن تي ڪڏهن ڪنهن نامَحرم جي نظر نه پئي، منهنجا ڪريم رب! انهيءَ جي ئي صدقي رحمت جو مينهن وساءِ! اجا دعا ختم به نه ٿي هئي جو رحمت جا ڪَڪَر ڇانئجي ويا ۽ ڇما ڇم برسات شروع ٿي وئي-

(اخبار الاخيار، ص۲۹۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تبرڪات جا فائدا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!ڏٺو اوهان ته بزرگن جي جسم سان نسبت رکڻ واري لباس جي هڪ ڌاڳي جو به ڪيترو شان آهي جو ان کي هٿ ۾ رکي دعا ڪئي وئي ته قبول ٿي وئي- الله پاڪ جيڪو سمورين برڪتن جو مالڪ آهي ان ڪريم رب پنهنجي انهن نيڪ ٻانهن کي دنيا جهان جي اهڙين برڪتن سان نوازيو هوندو آهي جو جيڪي شيون انهن سان منسوب ٿي وڃن اهي به بابرڪت ٿي وينديون آهن- انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ

الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِمْ اَجْمَعِين سان منسوب شيون وڏيون بابرڪت ۽ فيض واريون هونديون آهن، يعني انهن مقدس تبرڪات جو ادب ۽ احترام ڪرڻ وارن خوش نصيب عاشقانِ رسول کي انهن تبرڪات مان خوب فيض ملندو آهي -

## تَبَرُّڪ ڪنهن کي چئبو آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! تبرڪ مان مراد (انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام، صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) بزرگانِ دين جون اهي شيون جيڪي برڪت طور تي رکيون وڃن- (تبرکات کا ثبوت،ص۲ بتغیر) پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسم سان مَسّ (Touch) ٿيندڙ ۽ نسبت رکڻ واري هر هر شيء بہ مُتَبَرَّڪ آهي، اهڙي طرح صحابہَ ڪرام ۽ بزرگانِ دين رِضْوَانُ الله تَعَالٰي عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جي مبارڪ جسمن سان مس ٿيندڙ (۽ نسبت رکڻ واري) هر شيء بہ مُتَبَرَّڪ آهي- (تبرکات کا ثبوت،ص۴،۳ ملتقطاً) ان ڪري اسان کي هر ان شيء جو ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي جنهن کي بزرگن سان نسبت ٿي وڃي- انهن جا وار مبارڪ، قميص، جبو، دستار، پيالو مطلب تہ! انهن سان نسبت رکڻ وارو ڪو ڪک هجي يا لباس جو ڌاڳو هجي ان جو ادب ۽ احترام ڪرڻ سان بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ برڪتون نصيب ٿينديون-

## فيض ماڻڻ جي لاءِ ڪامل اعتماد شرط آهي

تبرڪات مان فيض ماڻڻ جي لاءِ اِعتِقاد پڪو هئڻ گهرجي، ڪچو يقين نہ هجي، مثال طور هي سوچڻ تہ وار مبارڪ سان برڪتون ملنديون آهن يا نہ- زَم زَم پيئڻ سان بيماريون ختم ٿينديون آهن يا نہ، تعويذات سان مشڪلاتون حل ٿين ٿيون يا نہ، دَم دُرُود سان فائدو ٿيندو آهي يا نہ وغيره- ان طرح جي ڪچي ۽ مشڪوڪ خيالن سان فائدو ناهي ٿيندو- يقين جيترو پڪو هوندو، الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي فيض بہ ايتري قدر وڌيڪ ملندو چو تہ فيض ماڻڻ جي لاءِ پختو اعتقاد هئڻ شرط آهي-

البت ياد رهي! وظيفہ وغيره رضائي الاهي جي لاءِ ڪيا وڃن، نہ ئي ڪم ناهڻ جي لاءِ، جنهن صرف پنهنجي غرض جي لاءِ ئي وظيفہ ڪيا تہ ان کي ثواب نہ ملندو. هئڻ ائين گهرجي تہ وظيفہ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪري ۽ ان جي وسيلي سان الله پاڪ کان پنهنجي ڪم ٿي وڃڻ جي دعا ڪري.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!تبرڪات مان برڪتون ملن ٿيون، مشڪلاتون ختم ٿين ٿيون ۽ مصيبتون پري ٿين ٿيون اهو عقيدو رکڻ اڄ جي نئين ڳالهه نہ آهي، ڇوتہ قرآنِ پاڪ جي ڪيئي آيتن ۾ تبرڪات جي اهميت ۽ اڳوڻين امتن جي تبرڪاتَ مان فيض ماڻڻ جي واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي- تابوتِ سڪينہ(اهو متبرڪ صندوق جنهن ۾ انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جا تبرڪ رکيا ويندا هئا) مان بني اسرائيل جو برڪتون ماڻڻ، محرابِ مريم ۾ حضرت سيدنا زڪريا عَلَيه السَّلَام جو دعا گهرڻ ۽ انِ جو قبول ٿيڻ- تبرڪات مان برڪتون ماڻڻ جا هي اهي واقعا آهن جيڪي قرآنِ پاڪ ۾ وڏي تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن- اچو تبرڪات جون برڪتون ملڻ بابت هڪ قرآني واقعو ٻڌون ٿيون:

## مقامِ ابراهيم مان تبرڪ

ڪعبہ مُعظّمہ ۾ هڪ پٿر آهي جنهن کي مقام ابراهيم چون ٿا- هي اهو پٿر آهي جنهن تي الله پاڪ جي نبي، جنابِ حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام پنهنجو قدم مبارڪ رکيو، تہ جيترو حصو سندن پيرنَ هيٺ آيو اهو آلي مٽي جيان نرم ٿي ويو ايستائين جو ابراهيم عَلَيه السَّلَام جا قدم مبارڪ ان ۾ ڄمي ويا، پوءِ جڏهن ابراهيم عَلَيه السَّلَام قدم ڪنيا الله پاڪ ٻيهر ان حصي ۾ پٿر جي سختي پيدا ڪري ڇڏي تہ اهي قدم جا نشان محفوظ رهجي ويا- (فتاوي رضويه ، ٣٩٨/٢١ ملتقطاً) ربّ ڪريم دنيا ۾ رهندڙ تمام مسلمانن کي مقامِ ابراهيم جي تعظيم ڪرڻ ۽ انُ جو قرب ماڻڻ ۽ ان جي قريب (Near) نمازِ پڙهڻ جو حڪم ارشاد فرمايائون، جيئن الله پاڪ سيپارو 1 سورة البقره جي آيت نمبر 125 ۾ ارشاد فرمائي ٿو آهي:

وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي نماز پڙهڻ جي جاءِ مُقرر ڪري ونو- (پ 1 البقره 125)

حڪيم الامت، حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا:

مقامِ ابراهيم اهو پٿر آهي جنهن تي بيهي ابراهيم عَلَيه السَّلام ڪعبي شريف جي تعمير ڪيائون اهو بہ حضرت خَلِيلُ الله عَلَيه السَّلام جي برڪت سان شَعَائِرُ الله بڻجي ويو ۽ ان جي تعظيم اهڙي لازم ٿي وئي جو طواف جا نفل اُن جي سامهون بيهي پڙهڻ سُنت ٿي ويا- جڏهن بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين جي قدم پوڻ سان صفا مروه ۽ مقامِ ابراهيم شَعَائِرُ الله(يعني الله پاڪ جون نشانيون) بڻجي ويا ۽ تعظيم جي قابل ٿي ويا تہ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام ۽ اولياءِ عظام رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اجمعين جون مزارون (Shrines)، جن ۾ اهي حضرات دائمي قيام فرما آهن يقيناً شَعَائِرُ الله آهن ۽ انهن جي تعظيم (هر هڪ مسلمان تي) لازم آهي- (علم القرآن،ص۴۸ ملتقطاً)

”تفسيرِ صراط الجنان“ ۾ آهي: هن (آيت) مان معلوم ٿيو! جنهن پٿر کي نبي عَلَيه السَّلام جي قدم بوسي حاصل ٿي وڃي اهو عَظمَت وارو ٿي ويندو آهي- اهو بہ معلوم ٿيو! جڏهن پٿر نبي عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام جي قدم مبارڪ لڳڻ سان عظمت وارو ٿي ويو تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ازواجِ مطهرات، اهلِ بيت ۽ صحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم جي عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي- (تنهنڪري) هن مان تبرڪات جي تعظيم جو بہ ثبوت (Proof) ملي ٿو- (صراط الجنان،۲۰۵/۱)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع“

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!واقعي جنهن شيءِ جو بہ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن سان تعلق ٿي وڃي اها برڪت ڀري ٿي ويندي آهي- پنهنجي دلين ۾ تبرڪات جي اهميت وڌائڻ، انهن مان فيض حاصل ڪرڻ، انهن جي ادب ۽ احترام جو جذبو پنهنجي دلين ۾ بيدار ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وَڃو ۽ ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصو وٺو- ذيلي حلقي جي 8 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدني ڪم ”هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع“ بہ آهي- ❖ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ تلاوت ۽ نعت ۽ علمِ دين سان ڀرپور سُنّتن ڀريو اصلاحي بيان ٻڌڻ، اجتماعي طور تي ذڪرُ الله ڪرڻ ۽ رِقّت انگيز دُعا ۾

پنهنجي گناهن کان توبہ ڪرڻ سان گڏوگڏ بُري صحبت کان بچڻ ۽ چڱي صحبت اِختِيار ڪرڻ جا موقعا بہ مُيسر ايندا آهن- اچو ترغيب طور هفتہ وار اجتماع ۾ حاضري جي هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ اجتماع ۾ پابندي سان حاضر ٿيڻ جي نيت ڪيو، جيئن

## گهريلو مسئلا حل ٿي ويا

باب المدينہ(ڪراچي) جي هڪ پيرسن اسلامي ڀيڻ مختلف گهريلو مسئلن ۾ ڦاٿل هئي. هڪ ڏينهن دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀيڻ سان ان جي ملاقات ٿي تہ ان اسلامي ڀيڻ هن جي همدردي ڪئي ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار سنتنڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ جي بہ نيت ڪرائي. ان کان علاوه ان کي سنتن ڀري اجتماع ۾ پنهنجي مسئلن جي حل ڪرڻ جي لاءِ دعا ڪرڻ جي بہ ترغيب ڏني. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان اسلامي ڀيڻ جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان هوءَ هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪرڻ لڳي. اتي پنهنجي مسئلن جي حل ٿيڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا بہ ڪندي هئي، اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ سان بيعت ٿي ڪري عطاريہ بہ ٿي وئي. ٿورو ئي عرصو گزريو هو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻارن جي پيءُ کي سٺي ملازمت عطا فرمائي. ڪرم مٿان ڪرم هي ٿيو تہ ڪجهہ ئي عرصي ۾ ان ڪرائي جي مڪان کي ڇڏي پنهنجو ذاتي مڪان بہ خريدي ورتو. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب جي صدقي، سنتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت جي برڪت سان ان کي ٻارن جي شادي جي فريضي کي پورو ڪرڻ جي بہ طاقت ڏني. اهڙي طرح دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان ان جي مسئلن جو ريگستان خوشي ۾ تبديل ٿي ويو.(اسلامي ڀينرن جي نماز،ص 289)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدگماني کان بچو!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اولياءِ ڪرام ۽ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کان تبرڪ وٺڻ ۾ دل ۾ ڪو شڪ ۽ شِبهو نہ هئڻ گهرجي، دل ۾ مختلف وسوسن کي جڳهہ ڏئي، امتحان وٺڻ ۽ آزمائڻ جي ارزو کڻي تبرڪات وٺڻ

وارن ڪي ڪڏهن ڪڏهن هٿوهٿ سزا به ملي ويندي آهي، هن ڳالهه کي هن حڪايتِ مان سمجهو، جيئن ته

الله پاڪ جي هڪ ولي جي خدمت ۾ بادشاهِ وقت قدم بوسي جي لاءِ حاضر ٿيو. انهن وٽ ڪجهه صوف نذر (ڪنهن جي طرف کان تحفي) ۾ آيا هئا. انهن هڪ صوف بادشاه کي ڏنو ۽ چيائين کائو. ان عرض ڪيو ته حضور اوهان به کائو، اهڙي طرح بزرگ صاحب به کاڌو ۽ بادشاه به، انهيءَ وقت بادشاه کي دِل ۾ خيال گذريو ته هي جيڪو سڀ کان وڏو سهڻي رنگ وارو صُوف آهي جيڪڏهن پنهنجي هٿ سان ڪٽي مون کي ڏين ته مان سمجهندس ته هي ولي آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اهو صُوف ڪٽي ڪري فرمايو: "اسان مِصر ويا هئاسين اتي هڪ جڳهه وڏو هجوم هو، ڏٺوسين ته هڪ شخص آهي انهيءَ وٽ هڪ گڏهه آهي ۽ ان گڏهه جي اکين تي پٽي ٻڌل آهي. هڪ شخص جي هڪ شيءِ ٻئي وٽ رکي ويندي آهي. ان گڏهه کان پڇيو ويندو آهي، اهو گڏهه سڄي مجلس جو دورو ڪندو آهي، جنهن وٽ هوندي آهي، وڃي ڪري ڪنڌ جهڪائيندو آهي. پوءِ اهي الله پاڪ جا ولي فرمائڻ لڳا: اها ڳالهه اسان انهيءَ جي ڪري بيان ڪئي ته جيڪڏهن اهو صُوف نه ڏيون ته اسان ولي ئي نه آهيون، ۽ جيڪڏهن ڏينداسين ته ان گڏهه کان وڌيڪ ڪهڙو ڪمال ڏيکاريوسين. اهو چئي ڪري صُوف بادشاهه جي طرف اڇلائي ڇڏيو.

(بدگماني،ص35)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غور ڪريو! هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ به سکڻ جا مدني گل آهن ته هميشه ٻين جي باري ۾ حسنِ ظن سان ڪم وٺڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪو الله پاڪ جو نيڪ ٻانهو بطور وليّ الله مشهور هجي تڏهن به ان جو امتحان وٺڻ کان بچڻ گهرجي ۽ هميشه حسنِ ظن جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي-

ياد رکو! حسنِ ظن ۾ فائدا ئي فائدا آهن، جڏهن ته بدگماني ۾ نقصان ئي نقصان آهن- افسوس! اڄ جي دور ۾ اسان جو هڪ تعداد آهي جيڪو حسنِ ظن بدران بدگماني ڏانهن گهڻو مائل هوندو آهي- ڳالهه ڳالهه تي بدگماني جا نظارا عام آهن- ڪنهن کي فون ڪريو ۽ اهو ريسيو Receive نه ڪري ته بدگُماني ------ پٽ جو ڏيان ماءُ کان گهٽ ٿي وڃي ته هڪدم ننهن بابت بدگُماني ------اِجتِماعِ ذِڪر ونعت جي اِنتِظامن ۾ ڪمزوري ٿي ته انتظام ڪرڻ وارين

ڪان هڪدم بدگُماني ----- اِجتِماع ذِڪر ونعت ۾ ڪا اسلامي ڀيڻ عشقِ رسول ۾ جُهومي رهي آهي يا پنهنجي گُناهن کي ياد ڪري روئي رهي آهي ته بد گُماني----- ڪنهن بُزرگ يا پِير پنهنجي مُريدن يا مُتَعلِقن جي ترغِيب يا تحديثِ نعمت (يعني نعمت جي چرچي) جي لاءِ ڪو پنهنجو واقِعو بيان ڪيو ته هڪدم ان ڪان بدگُماني ----- ڪنهن وَقت ڏنو ۽ اچڻ ۾ دير ٿي وئي ته بد گُماني ----- ڪنهن وٽ ٿورڙي ئي عرصي ۾ گاڏي، سنو گهر ۽ ٻيون سهولتون اچي ويون ته بدگُماني- مطلب ته! اسان جو معاشرو هن وقت بدگماني جي خوفناڪ آفت جي وڪڙ ۾ آهي-

ياد رکو! **بدگماني** ٻين ڪيئي گناهن ۾ مبتلا ڪندي آهي-- **بدگماني** ٻين جي عيبن جي ٽوھ ۾ لڳائيندي آهي-- **بدگماني** حسد تي اپاريندي آهي-- **بدگماني** غيبت ڪرائيندي آهي-- **بدگماني** دل ۾ نفرتن جو ٻج پوکيندي آهي-- **بدگماني** پاڻ ۾ محبتون ختم ڪري جدايون ڪرائيندي آهي-- **بدگماني** حسنِ سلوڪ ڪان محروم ڪرائيندي آهي-- **بدگماني** ٻانهي کي بدِخُلق ٺاهيندي آهي-- **بدگماني** الزام تراشي تي اپاريندي آهي-- **بدگماني** دنيا ۽ آخرت ۾ رسوا ڪرائيندي آهي- تنهنڪري عقل مند اهو ئي آهي جيڪو بدگماني جي بدران حسنِ ظن جي عادت اپنائي، ڇوته ❖ **حسنِ ظن** هڪ عمده عبادت آهي، ❖ **حسنِ ظن** گناهن ڪان بچائڻ وارو آهي، ❖ **حسنِ ظن** رکڻ ايمان جي تقاضن مان آهي، ❖ **حسنِ ظن** ايمان جو حصو آهي، ❖ **حسنِ ظن** نيڪ ماڻهن جي عادتن مان آهي، ❖ **حسنِ ظن** ٻانهي کي ثواب جو مستحق ڪندو آهي، ❖ **حسنِ ظن** ٻين جي عزتن جو محافظ آهي، ❖ **حسنِ ظن** ڪان سڪون ۽ قرار ملندو آهي، ❖ **حسنِ ظن** ٻانهي کي شيطان جي چنگل ڪان بچائيندو آهي، ❖ **حسنِ ظن** ايمان کي قوت ڏيندو آهي، ❖ **حسنِ ظن** دل ۽ روح کي پاڪيزه ڪندو آهي، ❖ **حسنِ ظن** ٻانهي کي نيڪ بڻائيندو آهي، ❖ **حسنِ ظن** سان الله پاڪ ۽ ان جي مدني حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا ملندي آهي-

هڪ پيري نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪعبي پاڪ کي مخاطب ڪري ارشاد فرمايائون: تون پاڻ ۽ تنهنجي فضا ڪيڏي پياري آهي، تون ڪيڏو نه عظمت وارو آهين ۽ تنهنجي حُرمت ڪيڏي عظيم آهي، ان پاڪ ذات جو قسم جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي!

الله پاڪ جي ويجهو هڪ مؤمن جي جان ۽ مال ۽ ان ڪان سنو گمان رکڻ جي حرمت تنهنجي حرمت ڪان بہ وڌيڪ آهي.

(سنن ابن ماجه، ابواب الفتن، باب حرمة دم المؤمن وماله ،۳۱۹/۴، حديث:۳۹۳۲)

خدایا عطا کر دے رحمت کا پانی
رہے قلب اُجلا دُھلے بد گمانی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نبي پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا تبرڪات:

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان هن ڳالھ مان بخوبي واقف هئا جو نبي مڪرم، رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سراپا رحمت ۽ برڪت آهن، جنهن شيء ڪي بہ آقا ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان نسبت جو شرف ملندو آهي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ان کي برڪت سمجهندا هئا- ان ڪري صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ڪيئي طريقن سان پياري آقا عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ڪان برڪتون ماڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، اهي پاڻ ڪريم عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي جسمِ اطهر کي تبرڪاً هٿ لائيندا هئا، پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي وضو جي بچيل پاڻي کي تبرڪ سمجهي ان مان برڪتون حاصل ڪندا هئا، جنهن پاڻي سان پاڻ ڪريم عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام پنهنجا مبارڪ هٿ ڌوئيندا هئا صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ان کي پنهنجن چهرن ۽ بدن جي حصن تي تبرڪ طور مليندا هئا، پاڻ ڪريم عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي بچيل کاڌي مان تبرڪ حاصل ڪندا هئا، پاڻ ڪريم عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي پڳھر مبارڪ، لعابِ دهن، موءِ مبارڪ، منڊي مبارڪ، بستر مبارڪ، لباس مبارڪ، ڪٽ مبارڪ ۽ پاڻ ڪريم عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي استعمال ڪيل چٽائي مبارڪ مان بہ برڪتون حاصل ڪندا هئا، مطلب تہ! هر اها شيء جنهن کي تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان ٿوري يا گهڻي نسبت حاصل ٿي ويندي هئي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ان کي پنهنجي لاءِ تبرڪ بڻائيندا هئا، حديث سڳورين ۾ هن طرح جا ڪوڙ واقعا ملن ٿا- اچو! انهن مان 3 واقعا ٻڌون ٿيون:

(1) منقول آهي تہ مشهور صحابي رسول، حضرت سَيِّدُنا اميرمعاويہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ

وٽ نبي اڪرم، شاهه بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ قميص ۽ مقدس ننهن جا ڪجهه تراشا (لاٽل ننهن مبارڪ) هئا- جڏهن حضرت سَيِدُنا اميرمعاويہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ جي وصال جو وقت آيو تہ انهن وصيت فرمائي تہ مون کي ان قميص ۾ ڪفن ڏنو وڃي جيڪا پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن کي عطا فرمائي هئي ۽ اها مبارڪ قميص منهنجي جسم سان بلڪل ملائي رکي وڃي- جڏهن تہ آقا عَلَیہ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي مبارڪ ننهن جي باري ۾ وصيت فرمائي تہ سنها سنها ڪري انهن جي اکين ۽ منهن تي رکيا وڃن- حضرت سَيِدُنا اميرمعاويہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ وڌيڪ فرمايو: اهو ڪم ضرور ڪجو ۽ مون کي سڀ ڪان وڌيڪ رحم ۽ ڪرم ڪرڻ واري ربّ ڪريم جي حوالي ڪري ڇڏجو-

(اسدالغابة في معرفة الصحابة،باب الميم ولعين،۵ /۲۲۳)

(2) مسلم شريف ۾ آهي تہ اميرالمُؤمنين حضرت سَيِدُنا ابُوبڪرصديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ جي صاحبزادي حضرت سَيِدَتُنا اسماء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہا وٽ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو هڪ جُبّو (Jubbah) هو (هڪ ڀيري) حضرت سَيِدَتُنا اسماء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہا اهو جبو ڪڍي فرمايائون: هي جبو رَسُولُ اللهصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو آهي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پائيندا هئا هاڻي اسان ان کي بيمارن جي لاءِ ڌوئيندا آهيون ۽ ان مان شفاحاصل ڪندا آهيون-

(مسلم، ڪتاب اللباس و الزينة،باب تحريم لبس الحرير...الخ، حديث: ۲۰٦۹، ص۸۸۳)

مشهور مفسرِ قرآن،حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْہفرمائن ٿا: جڏهن ماڻهو ان جي زيارت ڪرڻ ايندا هئا تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہا اهو فرمائي زيارت ڪرائيندي هيون تہ هي حضوراڪرمصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حيات شريف ۾ پائيندا هئا جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضورصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لباس جي زيارت ڪرائڻ سُنّتِ صحابہ آهي جيئن تہ اڄوڪي دور ۾ موءِ مبارڪ جي زيارت ڪرائي ويندي آهي- معلوم ٿيو! بزرگن جي تبرڪات جي زيارت ڪرائڻ انهن جو لباس ڌوئي بيمارن کي پيئارڻ سُنتِ صحابہ آهي، ان ۾ شفا آهي- آبِ زمزم حضرت سَيِدُنا اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام جي ڪڙي سبب نڪتو تمام بيمارين

جي لاءِ شفا آهي- (مرآة المناجيح،۹۸/٦ ملتقطاً) ڪجهہ حضرات امُ المُؤمنين عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا جي خدمت ۾ حضور (صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) جي تبرڪات جي زيارت ڪرڻ ايندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا انهن کي انهن جي زيارت ڪرائيندي هيون- (مرآة المناجيح،۹۱/٦)

(3) مسلم شريف جي هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ حضرتِ سَيِدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا: مون رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي هن پيالي مان هر قسم جو شربت، ماکي، نبيذ، پاڻي ۽ کير پياريو آهي- (مسلم،ڪتاب الاشربة، باب اباحۃالنبيذ ...الخ،حديث:۲۰۰۸،ص۸۵۷) حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هن حديثِ پاڪ تحت لکن ٿا: حضرتِ سَيِدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ جي هٿ ۾ هڪ ڪانيءَ جو پيالو هو، حضرتِ سَيِدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ ماڻهن کي ڏيکاري فرمايائون: هن پيالي مان مون حضورِ انور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي ڪيئي قسم جو شربت ۽ کير پياريو آهي يعني هي پيالو گهڻو ئي متبرڪ آهي جو ان کي حضورِ انور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا هٿ ۽ لب مبارڪ ڪيترا ئي ڀيرا لڳا آهن- معلوم ٿيو! حضراتِ صحابہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا استعمال ٿيل ٿانوَن کي برڪت جي لاءِ پاڻ وٽ رکندا هئا ۽ ماڻهن کي ان جي زيارت ڪرائيندا هئا-

مثنوي شريف ۾ آهي: حضرت سَيِدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ جي گهر اهو ڪپڙي جو دسترخوان هو جنهن سان حضور هٿ ۽ منهن اگهيا هئا جڏهن اهو ميرو (Dirty) ٿي ويندو هو تہ ان کي باهہ ۾ وجهي ڇڏيندا هئا، مَرُ سڙي ويندو هو ڪپڙو محفوظ رهندو هو- ( مرآه المناجيح، ۸۱/٦ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو تہ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جو اهو عقيدو هو تہ آقا ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تبرڪات ۾ برڪتون ئي برڪتون آهن- اسان کي بہ اهو ئي عقيدو رکڻ گهرجي، ۽ بزرگن سان منسوب تبرڪات مثال طور انهن جو لباس، استعمال جون شيون، رهڻ

جا هنڌ، عبادت ڪرڻ واريون جايون، **الغرض!** انهن سان نسبت رکڻ واري ڪا بہ شيءِ هجي اسان کي ان جو ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي- ان ۾ ڪجهہ شڪ ناهي تہ **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات جي برڪتن سان** شفائون ملنديون آهن، **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات جي برڪتن سان** فيض ماڻڻ انبياءِ ڪرام جو طريقو آهي- **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات جي برڪتن سان** رزق ۾ ڪشادگي ٿيندي آهي- **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات جي برڪتن سان** سڪون ملندو آهي- **تبرڪات جي برڪتن سان** فيض ماڻڻ صحابہ ڪرام جو طريقو رهيو آهي، **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات جي برڪتن سان** دنيا ۽ آخرت جون پريشانيون پري ٿينديون آهن- **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات جي برڪتن سان** دعائون قبول ٿينديون آهن، **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات جي برڪتن سان** بيماريون ٽرنديون آهن، **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات جي برڪتن سان** گناهن جي بخشش ٿي ويندي آهي ۽ **نيڪ ماڻهن جي تبرڪات** جي ادب ۽ احترام جي ڪري سڌي راهہ تان ڀٽڪيل ماڻهن کي هدايت ملندي آهي- ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ **تبرڪات جي زيارت سان** دلين کي چين ملندو آهي، **تبرڪات جي زيارت سان** اکين کي ٿڌاڻ نصيب ٿيندي آهي، **تبرڪات جي زيارت** جي وقت دعا قبول ٿيڻ جا امڪان (Chance) وڌي ويندا آهن، **تبرڪات جي زيارت** سان الله پاڪ جون رحمتون نصيب ٿينديون آهن، **تبرڪات جي زيارت سان** گناهن کان بيزاري ۽ نفرت جو ذهن بڻجندو آهي، **تبرڪات جي زيارت سان** ذهني سڪون ملندو آهي، **تبرڪات جي زيارت سان** زبان تي الله جو ذڪر جاري ٿي ويندو آهي. **تبرڪات جي زيارت سان** نيڪيون ڪرڻ جو جذبو ملندو آهي- اچو! انهيءَ **تعلق سان هڪ حڪايت** ٻڌون ٿيون:

## تبرڪ جي ادب جون برڪتون

جيئن، حضرت سَيِدُنا ابو علي روز باري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ **جي ڀيڻ فاطمہ بنت احمد** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہا **فرمائن ٿيون: بغداد شهر ۾ ڪجهہ نوجوانن پاڻ منجهان ڪنهن** هڪ کي ڪنهن ضرورت لاءِ موڪليو، ان موٽڻ ۾ دير ڪري ڇڏي، هي نوجوان ڪاوڙ ڪرڻ لڳا، ايتري ۾ اهو هڪ گدرو (Melon) ڪٽي کلندو پهتو- نوجوانن پڇيو: هڪ تہ تون دير سان پيو اچين، ان تي کلي بہ رهيو آهين؟ ڇوڪري چيو: مان اوهان جي لاءِ هڪ عجيب شيءِ آندي آهي- سڀني پڇا ڪئي: اها ڪهڙي؟ ڇوڪري پنهنجي هٿ وارو گِدرو انهن کي پيش ڪيو ۽

چيائين: هن گدري تي حضرت سَيدُنا بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هٿ رکيو هو، ان ڪري مون هن کي 20 درهمن ۾ خريدي ورتو- ان جي ڳالھ ٻڌي سيني گدري کي چُميو ۽ پنهنجي پنهنجي اکين سان لڳايو- انهن مان هڪ چيو، حضرت سَيدُنا بشرحافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪهڙي شيءِ هن مقام تي پهچايو؟ ڪنهن چيو: تقويٰ- سوال ڪندڙ چيو: مان توهان کي شاهد ڪري الله پاڪ کان توبہ ڪيان ٿو، ان کان پوءِ سيني اهڙي نموني توبہ ڪئي، پوءِ اهي سڀ طرطوس نالي شهر تشريف کڻي ويا ۽ اتي ئي شهادت جو رُتبو ماڻيائون- (الروض الرياحين،ص۲۱۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!غور ڪريو! حضرت سيدنا بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هٿ لڳل گدري جو ادب ڪرڻ جي ڪري انهن نوجوانن جون دليون ئي بدلجي ويون انهن گناهن کان توبہ ڪئي ۽ شهادت جي عظيم رُتبي تي فائز ٿيا، هن حڪايت مان اسان کي اهو مدني گل مليو تہ جيڪڏهن بزرگن سان نسبت رکڻ واري ڪنهن شيءِ جو خلوصِ دل سان احترام ڪيو وڃي تہ انسان دين ۽ دنيا جي سعادتن کان سرفراز ٿي سگهي ٿو-

ياد رهي جهڙي طرح تبرڪات جي تعظيم ۽ احترام ڪرڻ سان ڪيئي فائدا ملن ٿا ۽ برڪتون نصيب ٿين ٿيون اهڙي طرح جيڪڏهن انهن جي تعظيم نہ ڪئي وڃي ۽ انهن جي بي ادبي ۽ توهين ڪئي وڃي تہ ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ ئي ان جي سزا بہ ملي ويندي آهي- ان جي سڀ کان واضح مثال تابوتِ سڪينہ آهي، جيئن دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي 430 صفحن تي مشتمل ڪتاب "عجائب القرآن مع غرائب القرآن" جي صفحي نمبر 52-53 تي آهي: (تابوتِ سڪينہ) شمشاد جي ڪاٺيءَ جو هڪ صندوق هو جيڪو حضرت آدم عَلَيْه السَّلَام تي نازل ٿيو هو. هي سندن آخري زندگي تائين پاڻ وٽ ئي رهيو. پوءِ ميراث ۾ هڪ ٻيئي پُٽيان سندن اولاد کي ملندو رهيو. هي وڏو مقدس ۽ بابرڪت صندوق هو. بني اسرائيل ۾ جڏهن ڪو اختلاف پيدا ٿيندو هو تہ ماڻهو انهي صندوق کان فيصلو ڪرائيندا هئا. صندوق مان فيصلي جو آواز ۽ فتح جي بشارت ٻُڌي ويندي هئي. بني اسرائيل هن صندوق کي پنهنجي اڳيان رکي ۽ ان کي وسيلو بڻائي دعا گُهرندا هئا تہ انهن جون دعائون قبول

ٿينديون هيون ۽ مشڪلاتون، مصيبتون ۽ وبائن جون آفتون ٽري وينديون هيون. مطلب تہ هيءَ صندوق بني اسرائيل جي لاءِ تابوتِ سڪينہ، برڪت ۽ رحمت جو خزينو ۽ الله تعاليٰ جي مدد جي نازل ٿيڻ جو نهايت مقدس ۽ بهترين ذريعو هو، پر جڏهن بني اسرائيل طرح طرح جا گناهن ڪرڻ لڳا ۽ انهن ۾ نافرماني ۽ طغيان، سرڪشي ۽ گناهہ وڌي ويا تہ انهن جي بري عملن جي نحوست جي ڪري انهن تي خدا جو اهو غضب نازل ٿيو جو قوم عَمَالِقہ جي ڪافرن هڪ وڏي لشڪر سان انهن ماڻهن تي حملو ڪري ڏنو، انهن ڪافرن بني اسرائيل جو قتل عام ڪري انهن جي ڳوٺن کي تباهہ برباد ڪري ڇڏيو. عمارتن کي ڊاهي پٽي سڄي شهر کي ختم ڪري ڇڏيو، ۽ ان متبرڪ صندوق کي بہ کڻي هليا ويا. ان مقدس تبرڪ کي نجاستن ۾ اڇلائي ڇڏيو. پوءِ ان بي ادبي جو قوم عَمَالِقہ تي هي وبال پيو تہ اُهي ماڻهو طرح طرح جي بيمارين ۽ بلائن ۾ مبتلا ٿي ويا. پوءِ قوم عَمَالِقہ جا پنج شهر بلڪل برباد ۽ ويران ٿي ويا. ايستائين جو انهن ڪافرن کي يقين ٿي ويو تہ هن رحمت واري صندوق جي بي ادبي جو عذاب اسان تي آيو آهي تہ انهن ڪافرن جون اکيون کُلي ويون. پوءِ انهن ماڻهن ان مقدس صندوق کي هڪ ڏاند گاڏي تي چاڙهي ڊڳن کي بني اسرائيل جي ڳوٺن ڏانهن هَڪلي ڇڏيو. (عجائب القرآن،ص۵۳،۵۲)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل واقعي مان معلوم ٿيو! بزرگن جي تبرڪات جي توهين ۽ بي ادبي ڪرڻ قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار کي دعوت ڏيڻ آهي ڇوتہ قومِ عَمالِقہ جڏهن ان بابرڪت صندوق جي بي ادبي ڪئي تہ ان تي اهڙو قهرِ الٰهي جو زور ٿيو جو مصيبتن جي هجوم کان دانهون ڪرڻ لڳا ۽ انهن کي هن ڳالهہ جو يقين ٿي ويو تہ اسان تي بلائن ۽ مصيبتن جو حملو انهيءَ بابرڪت صندوق جي بي ادبي جي ڪري ٿيو آهي- پوءِ ان ڪري انهن ان مقدس صندوق کي ڏاند گاڏي تي رکي بني اسرائيل جي ڳوٺن ڏانهن موڪلي ڇڏيو تہ جيئن اهي ماڻهو غضبِ الٰهي جي بلائن کان ڇوٽڪارو ماڻين-

هن واقعي مان اهو مدني گل بہ مليو تہ ڪا بہ قوم ايستائين الله پاڪ جي رحمتن ۽ نعمتن مان حصو ماڻيندي رهندي آهي جيستائين اها ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندي رهي- جڏهن اها الله پاڪ جي نافرماني ۽ گناهن ۾ مبتلا ٿي وڃي تہ دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ پريشانيون انهن جو مقدر بڻجي

وينديون آهن، جيئن بني اسرائيل سان ٿيو جو جيستائين اهي انبياءِ ڪرام عَلَيهِ السَّلَام جا تابعدار (Obedient) رهيا، انهن جي بيان ڪيل ڳالهين تي عمل ڪندا رهيا ۽ انهن جي احڪامن جي پيروي ڪندا رهيا ته نهايت سڪون ۽ اطمينان سان رهيا پر جيئن ئي انهن انبياءِ ڪرام عَلَيهِ السَّلَام جي ٻڌايل احڪاماتِ الٰهيه کان پاسو ڪيو ته ذلت ۽ رسوائي انهن جو مقدر بڻجي وئي- جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته اڄ مسلمانن جي به اها ئي حالت آهي- صدين تائين مسلمان دنيا تي غالب رهيا ۽ هر ميدان ۾ ترقي ڪندا رهيا- پر جڏهن کان قرآنِ ڪريم جي احڪامن ۽ ان جي تعليمات تي عمل کان پري ٿيڻ لڳا ۽ رحمتَ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري کان پاسو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اسلامي احڪامن کان منهن موڙيو ته طرح طرح جي مصيبتن ۾ مبتلا ٿيندا ويا ۽ اڄ جيڪا حالت آهي اها سيني جي سامهون آهي-

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هاڻي به وقت آهي، اڄ به جيڪڏهن اسان شريعت (يعني الله ۽ رسول جي احڪامن) تي عمل ڪرڻ واريون بڻجي وڃون ته تمام مصيبتون ختم ٿي سگهن ٿيون- شريعت جي پاسداري جي برڪت سان آرام ملي سگهي ٿو، شريعت جي پاسداري جي برڪت سان نفرتن جون ديوارون محبتن جي فضائن ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون، جڏهن اسان جي پيدائشِ جو اصل مقصد الله پاڪ جي عبادت آهي ۽ اسان شريعت جي احڪامن کان آزاد به نه آهيون ۽ اسان کي قيامت جي ڏينهن پنهنجي هر عمل جو حساب به هر صورت ۾ ڏيڻو آهي ته ان جي عبادت کان غافل ٿيڻ، ان جي احڪامن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ دنيا جي ڪم ڌنڌن ۾ ئي مصروف رهڻ ڪٿي جي دانشمندي آهي-

## مجلس ”اِزدِيادِ حُب“

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ ڪم و بيش 104 شعبن ۾ دينِ اسلام جو پيغام عام ڪري رهي آهي انهن مان هڪ ”مجلس اِزدِيادِ حُبّ“ به آهي. اهي پراڻيون اسلامي ڀينرون جيڪي اڳ ۾ اينديون هيون پر هاڻي نٿيون اچن انهن کي مَدَني ماحول ۾ فَعال ڪرڻ، انهن کان پڇريان ئي وَقت وني اِنفِرادي طور تي گهر وڃي ڪري ملاقات ڪرڻ، انهن کي سُنّتن ڀري اِجتماعن ۾ اچڻ جو ذهن ڏيڻ، انهن کي مدرسةُ المدينه براءِ بالغات ۾ شرڪت ڪرائڻ، انهن جي خوشي، غمي، بيماري ۽ فوتگي وغيره جي

معامَلن ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ مشڪلات ۾ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطّاريہ جي ترڪيب ڪرڻ وغيره هن مجلس جي مقصدن ۾ شامل آهي- اللّٰہ ڪريم ”مجلس اِزدِيادِ حُبّ“ کي مزيد ترقيون عطا فرمائي- آمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الاَمِین صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿي- تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو- (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نِڇ ڏيڻ جون سنتون ۽ آداب

پياريو پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان نِڇ (يعني ڇڪ) ڏيڻ جون چند سنتون ۽ آداب ٻڌئون ٿيون:

پهريان ٻہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪيو: ❁ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ کي نِڇ پسند آهي ۽ اوٻاسي پسند ناهي- (بخاری،۴/۱۶۳،حديث:۶۲۲۶) ❁ جڏهن ڪنهن کي نِڇ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي تہ ملائڪ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن: اللّٰہعَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي- (معجم کبير،۱۱/۳۵۸،حديث:۱۲۲۸۴) ❁ نِڇ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو ۽ آواز آهستي ڪيو، نِڇ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي- (رَدُّالْمُحتار،۹/۶۸۴) ❁ نِڇ اچڻ وقت

اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ گهرجي- (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان نچ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي جيڪو ٻڌي ان تي واجب آهي تہ فورًا يَرْحَمُکَ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو جنهن کي نچ اچي اهو ٻڌي- ( بہارِشریعت،حصّہ۱۶،/۱۱۹) ❖ جواب ٻڌي نچ ڏيڻ واري چوي: "يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ" (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: " يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ" (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري) (فتاویٰ ہندیۃ،۵/۳۲۶) ❖ جيڪو نچ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ انشاءالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو- (مرآۃ المناجیح،۶/۳۹۶)

❖ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو نچ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي تہ اُهو ڏاڍ ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندو-[1] ﴿9﴾﴿10﴾ نچ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ٽيرو نچ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوي تہ ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي- (عالمگيري ج 5 ص 326) ﴿11﴾

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار اِجتماع جي بيان جو موضوع آهي " اُمّتِ مصطفي جون خاصيتون" جنهن ۾ اسان سڀ کان پهريان

1 . . . مرقاۃ المفاتیح، ۸/ ۴۹۹، تحت الحدیث:۴۷۳۹

توراتِ شريف ۾ اَمّتِ مُصطَفٰي جي بيان ڪيل خاصيتن (Characteristics) ۽ فضائلن ۽ ڪمالات جي باري ۾ ٻڌنديون سين، جڏهن حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيه السّلام کي اُمّتِ محبوب جي خاصيتن جو عِلم ٿيو تہ انهن ڪنهن شيءِ جي خواهش جو اِظهار ڪيو هو ان خواهش جي باري ۾ بہ اسان ٻڌنديون سين، هن ڪان پوءِ اُمّتِ محبوب جي اَفضليت جو سبب ۽ اُمّتِ مصطفٰي جون ڇهہ (6) عظيمُ الشّانَ فضيلتون بہ بَيان ٿينديون، اُمّتِ محبوب جي ماڻهن جا حافِظا ڪيتري قدر مضبوط هوندا آهن، ان بابت بزرگن جا اَقوال ۽ حافظُ الحديث حضرت سَيدُنا امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بي مثال يادداشت جو هڪ واقعو بہ اسان ٻڌنديو سين- آخر ۾ غمخوارِ اُمّت، پيڪرِ عِلم وحڪمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پنهنجي اُمّت سان مَحَبَّت ۽ شفقت جون ڪجھ جهلڪيون بہ بَيان ٿينديون- تنهنڪري! آئنده اربع اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ انفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد